# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 1975
# SINDH ACT NO.XV OF 1975
# سنڌ فنانس ايڪٽ، 1975
# THE SINDH FINANCE ACT, 1975

## (Contents)فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)


1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and Commencement

2. 1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Act VII of 1870

3. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

4. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of Act V of 1858

5. 1969 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Ordinance VII of 1959

6. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

7. 1969 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Ordinance VII of 1969

8. پيڊي ڊولپمينٽ في

Paddy Development fee

9. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1975
# SINDH ACT NO.XV OF 1975
# سنڌ فنانس ايڪٽ، 1975
# THE SINDH FINANCE ACT, 1975

[28 جون 1974]

سنڌ صوبي ۾ ٽيڪسز (Taxes) ڊيوٽيز (duties)، فيس (fees) گھٽائڻ، وڌائڻ ۽ لڳائڻ جو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ٽيڪسز (Taxes) ڊيوٽيز (duties)، فيس (fees) گھٽائڻ، وڌائڻ ۽ لڳائڻ ضروري ٿي پيو آهي.

جنهن ڪري هن ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and Commencement

1. هن ايڪٽ کي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(1) هي پوري سنڌ ۾ پهرين جولاءِ 1975 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو ٿيندو.

1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Act VII of 1870

2. ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ:

(1) دفعہ 7 جي شق a*iv ۾ لفظن "يا ڪانسواءِ" کي ختم ڪيو ويندو.

(2) پهرين شيڊول جي آرٽيڪل 1 جي ڪالم 3 ۾ موجود داخلا کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

“جڏهن تڪرار هيٺ معاملي جو اگهه

(i) هڪ هزار رپين کان نه وڌڻ گهرجي،اگهه جي ساڍا ست سيڪڙو برابر:

(ii) هزار رکين کان وڌيڪ هجي پر ٽيهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي، پهرين هزار رپين جي ساڍا ست سيڪڙو ۽ باقي رهيل اگهه جي 5 سيڪڙو برابر

(iii) ٽيهه هزار رپين کان وڌيڪ هجي، پهرين هزار رپين جي ساڍا ست سيڪڙو، بين اوڻٽيهه هزار رپين جي 5 سيڪڙو ۽ باقي رهيل اگهه جي اڍائي سيڪڙو برابر؛

(3) ٻئي شيڊول ۾:

(الف) آرٽيڪل 1 ۾:

(i) آخري پيراگراف جي مخالف، شق (a) جي ڪالم 2، هيٺيون ڪالم 3 ۾ شامل ڪيو ويندو:

“(a) عام 50 پئسا

(b) ٽڪڙو هڪ رپيو.”.

(ii) شق (b) جي ڪالم 3 ۾، لفظ “هڪ رپيو” وڌا ويندا؛

(iii) پهرين پيراگراف جي سامهون، شق (c) ۾، ڪالم 2 ۾، لفظ “هڪ رپيو” ڪالم 3 ۾ شامل ڪيا ويندا؛

(iv) شق (d) ۾، ڪالم 3 ۾، لفظ “پنج رپيا” لاءِ لفظ “هڪ رپيو” متبادل بڻايا ويندا.

(v) شق (e) ۾، ذيلي شق (iv) کانپوءِ، هيٺين پرووزو وڌائي ويندي:

“وڌيڪ ته اصلي فيصلي جي سلسلي ۾ پيش ڪيل مختلف

درخواستن لاءِ فيس ساڳي هوندي جيڪا ديواني عدالت ۾ پيش ڪيل درخواست ۾ ادا ڪئي وئي هوندي.”؛

(b) آرٽيڪل 12 جي شق (iii) جي ڪالم 3 ۾، لفظن “ٽيهه رپيا” لاءِ لفظ “پنجويهه رپيا” متبادل بڻايا ويندا.

(c) آرٽيڪل 18 ۾، لفظن “حل لاءِ” لاءِ لفظ “حل لاءِ درخواست يا اپيل” متبادل بڻايا ويندا؛

(d) آرٽيڪل 19 کانپوءِ، هيٺيون نئون آرٽيڪل وڌايو ويندو:

“20. اتفاقي حادثا ايڪٽ، 1858 تحت نقصانن جي بحالي لاءِ اپيل جو استغاثو يا يادداشت نامو. پندرنهن رپيا.”

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

3. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، شيڊول I ۾:

(a) آرٽيڪل 5 جي شق (d) جي ڪالم 2 ۾، لفظن “چار رپيا” لاءِ لفظ “پنج رپيا” متبادل بڻايا ويندا.

(b) آرٽيڪل 10 ۾:

(i) شق (c) جي ڪالم 2 ۾، لفظن “ٻه هزار رپيا” لاءِ لفظ “ٻه سئو پنجاهه رپيا” متبادل بڻايا ويندا.

(ii) شق (d) جي ڪالم 2 ۾، لفظن “پنج سئو رپيا” لاءِ لفظ “ڇهه سئو پنجويهه رپيا” متبادل بڻايا ويندا.

(c) آرٽيڪل 13 جي شق (a) ۾:

(i) آخري پر هڪ پيراگراف جي سامهون، ڪالم 2 ۾ اڳهن “30.00 رپيا، 15.00 رپيا، 10.00 رپيا” کي اڳهن “37.50 رپيا، 18.75 رپيا، 12.50 رپيا” متبادل بڻايا ويندا.

(ii) آخري پيراگراف سامهون، ڪالم 2 ۾، اگهن "10.00 رپيا، 5.00 رپيا، 3.50 رپيا" کي اگهن "12.50 رپيا، 6.25 رپيا، 4.40 رپيا" متبادل بڻايا ويندا.

(d) آرٽيڪل 14 جي ڪالم 2 ۾، لفظن "هڪ رپيو" لاءِ لفظ "هڪ رپيو پنجويهه پئسا" متبادل بڻايا ويندا.

(e) آرٽيڪل 15 ۾:

(i) آخري پر هڪ پيراگراف سامهون، ڪالم 2 ۾، لفظن "ويهه رپيا" لاءِ لفظ "پنجويهه رپيا" متبادل بڻايا ويندا.

(ii) آخري پيراگراف سامهون، ڪالم 2 ۾، لفظن "ڏهه رپيا" لاءِ لفظ "ٻارنهن رپيا پنجاهه پئسا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(f) آرٽيڪل 23 جي آخري پيراگراف جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ويهه رپيا" کي لفظن "پنجويهه رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو.

(g) آرٽيڪل 26 جي شق (b) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ٽيهه رپيا" لاءِ لفظ "سٽتيهه رپيا پنجاهه پئسا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(h) آرٽيڪل 49 جي شق (a) ۾:

(i) ذيلي شق (iii) جي ڪالم 2 ۾، لفطن "پنج رپيا" لاءِ لفظن "ڇهه رپيا پنجويهه پئسا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(ii) ذيلي شق (iv) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ڏهه رپيا" کي لفظن "ٻارنهن رپيا پنجاهه پئسا" سان متبادل بڻايو ويندو.

(i) آرٽيڪل 55 جي شق (b) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ٽيهه

رپيا” ڪي لفظن “سٺتيھہ رپيا پنجاھہ پئسا” سان متبادل بڻايو ويندو.

1958 جي اولھہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of Act V of 1858

4. سنڌ شھري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1858 ۾:

(1) دفعہ 2 ۾، شق (d) ڪانپوءِ، ھيٺين نئين شق (da) شامل ڪئي ويندي:

“(da) ‘زمين’ مطلب ڪنھن عمارت جي زمين پر جنھن سان ڪو آزاد خالي پلاٽ شامل نہ ھجي؛”؛

(2) دفعہ 3 ۾:

(a) ذيلي دفعہ 2 ڪانپوءِ ھيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:

“(2-A) ايڪٽ جي دفعہ ذيلي دفعات (3) ۽ (4) جي پٽاندڙ پھرين جنوري 1973 کان 30 جون 1975 تائين ڪنٽونمينٽ بورڊن جي اندر عمارتن ۽ زمينن تي ھن ريت ٽيڪس لڳائي ۽ ورتي ويندي،

(a) ڪراچي، ڊرگ روڊ ۽ ملير ڪنٽونمينٽ بورڊز جي ريٽنگ ايرياز جي حدن ۾ (سالياني اگھہ جو 12 سيڪڙو جيڪو 251 رپين کان وڌيڪ ھجي، پر 12000 رپين کان وڌيڪ نہ ھجي، سالياني اگھہ جي ساڍا 13 سيڪڙو جيڪو 12000 رپين کان وڌيڪ ھجي پر 20000 رپين کان وڌيڪ نہ ھجي ۽ سالياني اگھہ جو 15 سيڪڙو جيڪو 20000 رپين کان وڌيڪ ھجي.)

(b) حيدرآباد ڪنٽونمينٽ بورڊز جي ريٽنگ ايرياز جي حدن ۾ (سالياني اگھہ جي جو 10 سيڪڙو).

(b)ذيلي دفعہ (3_A) ۾ ان هيٺان وضاحت لاءِ هيٺين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:
"(3_A) ريٽنگ ايريا ۾ عمارتن ۽ زمينن جي ساليانې اگهہ تي ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي، جنهن جا ريٽس هن ريت هوندا:
(i)زمينون ۽ عمارتون جيڪي جزوي طور تي ڪاروباري مقصدن لاءِ استعمال ٿين ٿيون انهن تي ساليانې ملهہ جو 5 سيڪڙو
(ii) زمينون ۽ عمارتون جيڪي جزوي طور تي صنعتي مقصدن لاءِ استعمال ٿين ٿيون انهن تي ساليانې ملهہ جو 2.5 سيڪڙو
(c)ذيلي دفعہ (3_B) لاءِ هيٺيون ذيلي دفعہ متبادل بڻايو ويندو:
"(3_B) دفعہ 4 جي شق (c) ڪانسواءِ، آزاد خالي پلاٽن تي هيٺين اگهن تي ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي:
599 چورس گز کان وڏيڪ جا رهائشي پلاٽ (هر چورس گز تي 25 پئسا)
ڪاروباري ۽ صنعتي پلاٽس (هر چورس گز تي 50 پئسا)
وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ آزاد خالي پلاٽ ۾ اهو پلاٽ شامل نہ هوندو جنهن تي ڄاڻايل عرصي دوران عمارت تعمير ڪئي وئي هجي ۽ قاعدا ۽ ضابطا جن تحت پلاٽ ڏنو ويو آهي."؛
(3)دفعہ 3_A ۾
(i)شق (c) ڪانپوءِ هيٺيون شقون ۽ پرووزو وڌائي ويندي:
"(d) ڪراچي، ميلر، ڊرگ روڊ ۽ ڪورنگي جي ڪنٽونمينٽ بورڊز جي صورت ۾، حڪومت ۽ ڪنٽونمينٽ بورڊس وچ ۾ 3:2 جي

نسبت سان؛
(e) حيدرآباد ڪنٽونمينٽ بورڊ جي صورت ۾، حڪومت ۽ ڪنٽونمينٽ بورڊ وچ ۾ 20:13 جي نسبت سان؛
بشرطيڪ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (A-2) تحت لڳايل ۽ ورتل ٽيڪس ۾ ڪنٽونمينٽ بورڊس جو حصو نہ هوندو.
(ii) اهڙيءَ ريت شامل ڪيل پرووِيزو بعد، هيٺين وضاحت جو اضافو ڪيو ويندو:
"وضاحت: هن دفعہ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ لوڪل ڪائونسل ۾ ڪنٽونمينٽ بورڊ شامل هوندا."؛
(4) دفعہ 17 لاءِ هيٺين دفعہ کي متبادل بڻايو ويندو:
"17. جڏهن ڪنهن مقامي اختياري يا ڪنٽونمينٽ بورڊ طرفان ٽيڪس اوڳاڙي تي وجي، تہ اهڙي اختياري يا بورڊ کي حڪومت طرفان اهڙي اوڳاڙي تي معاوضو ڏنو ويندو.". (مقامي اختيارين ۽ ڪنٽونمينٽ بورڊس جو معاوضو)

1969 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Ordinance VII of 1959

5. اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، دفعہ 3 ۾:
(a) ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺان پرووِيزو ۽ وضاحت ڪانسواءِ هيٺين ذيلي دفعہ کي متبادل بڻايو ويندو:
"(1) حڪومت کي ڪنهن تفريح ۾ داخلا لاءِ تفريحن تي ڊيوٽي طور هيٺين اگهن تي ادائگي ڪئي ويندي:
(a) داخلا تي ادائگي جيڪا اهڙي ادائگي جي 75 سيڪڙو برابر نہ هجي، هڪ رپيو ۽ پنجاهہ پئسا کان وڌيڪ هجي
(b) داخلا تي ادائگي جيڪا اهڙي ادائگي جي 100 سيڪڙو

برابر هجي، هڪ رپيو ۽ پنجاهہ پئسا کان وڌيڪ هجي.

(b) ذيلي دفعہ (2) جي هيٺان، هيٺين وضاحت وڌائي ويندي:

"وضاحت: هن ذيلي دفعہ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، کاڌي، پاڻي، گرم يا ٿڌي کاڌ خوراڪ، يا ڪنهن ٻي کاڌي جي شئي يا ڊرنڪس، جيڪي نائيٽ ڪلبز هوٽلس، يا ڪلبز جتي ڪيبريٽ، فلور شوز، ڊانس يا ٻي ڪا تفريح فراهم ڪئي ويندي هجي، ۽ اهڙين کاڌ خوراڪ يا پيئڻ جي شين جي ادائگي اهڙي تفريحي هنڌ تي داخلا لاءِ اڳواٽ طئي ٿيل هوندي، جيڪا اهڙي تفريح جي ادائگي جي 25 سيڪڙو برابر هوندي".

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

6. اولهہ پاڪستان فنانس ايڪٽ، 1964 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ:

(a) دفعہ 11 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ وضاحت کانسواءِ، هيٺيون ذيلي دفعہ متبادل بڻايو ويندو:

"(1) ماڻهن کان سندن ڌنڌي، واپار ۽ ملازمتن تي ساليانو ٽيڪس هن ايڪٽ جي ستين شيڊول جي ٻئي ڪالم جي روشني ۾ لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي، جيڪا شيڊول جي ڪالم نمبر 3 جي نرخ مطابق هوندي، سواءِ ان جي جيڪي ڀهراڙين وارين ايراضين مان ورتيون وينديون، جيڪي سنڌ اربن امووايبل پراپرٽي ٽيڪس ايڪٽ، 1958 پٽاندڙ شيڊول ۾ 5 کان 44 سيريل نمبر تي آهن ۽ جيڪي ڪنهن ٻئي قانون مطابق واپار، ڌنڌي يا ملازمت تي ٻي ڪا ٽيڪس، ڊيوٽي، نرخ يا في ڏيڻيون آهن، بشرطيڪ اهو ماڻهو جنهن کي هڪ کان وڌيڪ ڌنڌن، واپار يا ملازمت وغيره ۾ ٽيڪس ڏيڻي آهي، سو فقط هڪ ئي ڌنڌي، واپار يا ملازمت لاءِ ڏيندو پر جنهن جي

ٽيڪس زياده هوندي.

(b) ڇهين شيڊول ڪانپوءِ هن ايڪٽ ۾ هڪ شيڊول ستين شيڊول طور وڌايو ويندو:

7. اولهه پاڪستان فنانس آرڊيننس، 1969 جو دفعه 8 ختم ڪيو ويندو.

1969 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Ordinance VII of 1969

8. (1) هڪ في اوڳاڙي ويندي، جنهن کي پيڊي ڊولپمينٽ في سڏيو ويندو، جيڪا سارين ۽ چانورن جي سڌاري ۽ تحقيق لاءِ هوندي ۽ جيڪا سارين جي ڇڙائي وارين ملن تي 25 پئسا في مڻ جي حساب سان ورتي ويندي.

پيڊي ڊولپمينٽ في

Paddy Development fee

(2)ذيلي دفعه (1) تحت في، ان شخص طرفان ادا ڪئي ويندي، جيڪو سارين ملز ڏانهن آڻيندو.

(3) سارين جي ڇڙائي ڪندڙ ملز في جي اوڳاڙي ۽ ٻين اتفاقي واقعن لاءِ رجسٽرڊ هونديون، جيڪو قائدن ۾ ڄاڻايل هوندو.

وضاحت: اصطلاح 'رائيس هسڪنگ ملز' جيڪو هن دفعه ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، ان جو مطلب سمورن قسمن جون رائيس هسڪنگ ملز جنهن ۾ شامل آهن، جديد ملز هلرز ۽ شيلرز.

9. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rule

سگهي ٿي.

## شيڊول

## ستون شيڊول

(ڏسو دفعہ 11)

| نمبر شمار | ڪيٽيگريز | ساليانو ٽيڪس جو ريٽ، رپين ۾ |
|---|---|---|
| 1. | ان کان علاوه ٻيا ماڻهو جن جو ذڪر هن ڪانپوءِ ايندو ۽ جن جي انڪم ٽيڪس جي ڪٽ، انڪم ٽيڪس ايڪٽ، 1922 جي روشني ۾ گذريل سال ڪئي وئي هئي. | 50.00 |
| 2. | اهي ماڻهو جن گذريل مالي سال 250 رپين کان مٿي زمين جي ڍل ڏني هجي. | 100.00 |
| 3. | اهي ڪمپنيون جيڪي ڪمپني ايڪٽ ۾ بيان ڪيون ويون آهن. | 100.00 |
| 4. | فيڪٽرين جا مالڪ جن جي وضاحت فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 ۾ ڪئي وئي آهي. | 100.00 |
| 5. | دوا درمل ڪندڙ | |
| | هوميوپيٿي، ويد ۽ حڪمت ڪندڙ | 50.00 |
| | خاص معالجن کانسواءِ باقي معالج | 50.00 |
| | ڏندن ۽ پيٿالاجي لاءِ ڊاڪٽر | 50.00 |
| | خاص معالج | 100.00 |

| | | |
|---|---|---|
| | نرسنگ ۽ ويم گهرن جا مالڪ | 100.00 |
| .6 | قانوني وڪالت ڪندڙ ۽ صلاحڪار<br>پنجن سالن کان مٿي جي تجربي وارا<br>10 سالن کان مٿي جي تجربي وارا | <br>50.00<br>10.00 |
| .7 | انشورنس ايجنٽ<br>عام انشورنس ايجنٽ<br>لائيف انشورنس ايجنٽ<br>جنرل انشورنس ايجنٽس جا ملازم | <br>50.00<br>50.00<br>100.00 |
| .8 | انشورنس سرويئر<br>ميرائين، موٽر، مشينري، بار، هوائي | <br>100.00 |
| .9 | چارٽرڊ اڪائونٽنٽ | 100.00 |
| .10 | آرڪيٽيڪٽس، صلاحڪار انجنيئر، اڏاوتون ڪندڙ انجنيئر، انٽيريئر ڊيڪوريٽر، ڊزائينر جيڪي پگهارن جي بنياد تي ڪم نٿا ڪن | 100.00 |
| .11 | اسٽيٽ ايجنٽس، پراپرٽي ڊيلرس، آڪشنر، بروڪر | 100.00 |
| .12 | خانگي ڪٽ ڪندڙ پر سرڪار وٽ رجسٽر ٿيل ۽ ريئل اسٽيٽ جو اندازو لڳائيندڙ | 100.00 |
| .13 | آٽو موبائيل ڊيلر، ڊسٽريبيوٽر ۽ سپلائر | 50.00 |

| | | |
|---|---|---|
| 100.00 | آٽو موبائيل ورڪشاپن جا مالڪ، بيٽري سروس اسٽيشنن جا مالڪ، آٽو موبائيل انجنيئر ۽ مڪينڪ جيڪي پگهارن تي ڪم نہ ڪندا هجن، ويلڊنگ، پيئنٽنگ ۽ ڊينٽنگ جي ڪم ڪارن جا مالڪ | .14 |
| 100.00 | هيئر ڊريسنگ سيلونن جا مالڪ، جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪرسيون يا وڏيڪ هجن، هيلٿ پالرس، سينٽ سينٽرس، جمنازيم ۽ بيوٽيفڪيشن | .15 |
| 100.00 | هول سيلر | .16 |
| 50.00 | گروسر ۽ جنرل اسٽورن جا مالڪ | .17 |
| 100.00 | سونارا | .18 |
| 100.00 | پاڻ پرنٽنگ ورڪ ڪندڙ بلاڪ ٺاهيندڙ جلد ساز، اسٽيشنري رکندڙ آرٽسٽ ۽ پيئنٽر | .19 |
| 100.00 | بلڊنگ ڪانٽريڪٽر، سيمينٽ ڊيلرس ۽ عمارتون اڏيندڙ اهي ڪمپنيون جيڪي ڪمپني ايڪٽ ۾ ذڪر هيٺ نہ ٿيون اچن | .20 |
| 100.00 | ڪارپيٽ ڊيلر | .21 |

| | | |
|---|---|---|
| .22 | دوائون وڪڻندڙ هار سينگار يا ڏندن جي حوالي سان سامان رکندڙ | 100.00 |
| .23 | ڪليئرنگ، فارورڊنگ ۽ انڊينٽنگ ايجنٽ ۽ جهازن سان لاڳاپيل ڪرت ڪندڙ | 100.00 |
| .24 | فلم ڊسٽريبيوٽر، پروڊيوسر ۽ اسٽوڊيوز جا مالڪ، سينيمائون ۽ ٿيٽر | 100.00 |
| .25 | فلم ڊائريڪٽر، ايڪٽر، اداڪارائون، پيشي طور ڊانس ڪندڙ ۽ ڳائيندڙ | 100.00 |
| .26 | فوٽوگرافي جي اسٽورن جا مالڪ، فوٽو اسٽيٽ مشين هلائيندڙ ترجمو يا نقل بڻائڻ جا ماهر | 100.00 |
| .27 | بجليءَ جي سامان جا واپاري، بجلي جي وائر، ڪيبل، ريڊيو، ٽيلي ويزن ۽ ٽيپ رڪارڊر ۽ بجليءَ جا ٺيڪيدار ۽ مالڪ | 100.00 |
| .28 | فرنيچر ٺاهيندڙ ۽ واپاري، ڊيڪوريٽر ۽ رنگ ساز | 100.00 |
| .29 | سينيٽري فٽنگ جا واپاري ۽ پلمبريءَ جون شيون رکندڙ ۽ خدمتون فراهم ڪندڙ | 50.00 |
| .30 | درزڪي دڪانن جا مالڪ ۽ لانڊرين جا مالڪ | 50.00 |
| .31 | ٽينٽ، ڪراڪري ۽ ڪٽلري جا واپاري | 100.00 |

| | | |
|---|---|---|
| .32 | پان جي دڪانن جا مالڪ ۽ تماڪ وڪڻندڙ | 50.00 |
| .33 | ايڊورٽائيزنگ ايجنسيون، ڪانٽريڪٽر ۽ سائين بورڊ جا ايجنٽ | 100.00 |
| .34 | ٽريول ايجنٽ ۽ ايئر ڪارگو ايجنٽ | 100.00 |
| .35 | ايئر ڪنڊيشننگ انجنيئر، ايئر ڪنڊيشن لڳائيندڙ انجنيئر جيڪي پگهار جي بنياد تي ڪم نٿا ڪن | 100.00 |
| .36 | اسلحي ۽ بارود جا واپاري | 100.00 |
| .37 | ريسٽورانٽ، هوٽلن، موٽرس، سنيڪ بارس، بارس، ريفريش رومز، نائيٽ ڪلبس ۽ جيمخانن جا مالڪ | 100.00 |
| .38 | ٽرانسپورٽ جون اهي ڪمپنيون، جن جو ذڪر ڪمپنيز ايڪٽ ۾ نہ ٿيو آهي ۽ سامان ڍوئيندڙ ايجنسيون | 100.00 |
| .39 | ڪپڙي جي دڪانن جا مالڪ | 100.00 |
| .40 | بوٽن جي دڪانن جا مالڪ | 100.00 |
| .41 | وفاقي، صوبائي حڪومتن ۽ مقامي اختيارين ڪي شيون، سامان پهچائڻ وارا ٺيڪيدار | 100.00 |

| | | |
|---|---|---|
| .42 | ڪراڪري ۽ ڪٽلري جا واپاري | 100.00 |
| .43 | هارڊ ويئر جا واپاري | 100.00 |
| .44 | امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ (ڪنٽرول) ايڪٽ، 1950 تحت لائسنس رکندڙ | 100.00 |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**